# رجب

## جو مهينو ڪيئن گذاريون؟

20-February-2020



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

20فيبروري 2020 تي پاڪستان جي هفتہ وار اجتماعن ۾ ٿيندڙ بيان

# رجب جو مهينو ڪيئن گذاريون؟

**هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ**

- ❖...رجب الله پاڪ جو مهينو آهي
- ❖ ...رجب جي مهيني ۾ دعا جي قبوليت
- ❖ ... دعائن جي قبوليت جي لاءِ 5 اهم راتيون
- ❖ ...حرمت وارا 4 مهينا ڪهڙا آهن
- ❖ ... رجب جا پيا معمولات

**پيشڪش**

**مجلس المدينة العلميه**

**(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)**

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# رجب جو مهينو ڪيئن گذاريون؟

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللہ
اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللہ

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**.

## دُرُود شريف جي فضيلت

نبي ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ رَحمت نشان آهي: مَنْ صَلّٰی عَلَيَّ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ عَشْرًا بِهَا مَلَكٌ مُوَكَّلٌ بِهَا حَتّٰی يُبَلِّغَنِيْهَا يعني جيڪو مون تي هڪ ڀيرو دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي الله ڪريم ان تي ڏھ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ هڪ ملائڪ ان درودِ پاڪ کي مون تائين پهچائڻ لاءِ مقرر آهي. (معجم ڪبير، ۱۳۴/۸، رقم:۷۶۱۱)

ڪعبه کے بدرُ الدُّجٰی تم پہ کروروں درود
طيبه کے شمسُ الضُّحٰی تم پہ کروروں درود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيتون ڪري ونون ٿا. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه“ **يعني** مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وِڇائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اڄ جي بيان جو موضوع آهي ”**رجب جو مهينو ڪيئن گذاريون؟**“ اڄ جي بيان ۾ اسان ٻڌنداسين تہ هن مبارڪ مهيني کي ڪيئن گذاريو وڃي؟ دُعائن جي قبوليت جي لاءِ 5 **اهم راتيون** ڪهڙيون آهن؟ **حُرمت**

(يعني عظمت وپاڪيزگي) وارا 4 **مهينا** ڪهڙا آهن؟ خاص ڪري رجب ۾ ڪهڙا ڪهڙا **وظيفا** وغيره پڙهيا وڃن؟ نهايت ئي توجهه ۽ دِلجمعي سان سمورو بيان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪريو، **ڪثير معلومات** جو خزانو هٿ ايندو، اِنْ شَآءَاللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رجب جي مهيني ۾ دعا جي قبوليت

حضرت سيدُنا عبدُاللّٰه بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا ارشاد فرمائن ٿا: مان اميرُ المؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه وٽ موجود هئس ۽ پاڻ ماڻهن کي انهن جون ڪيفيتون ڏيکاري رهيا هئا. انهيءَ دوران سندن جي پرسان هڪ اهڙو پوڙهو شخص گذريو جيڪو انڌو ۽ لنگڙو هو، ان جي اڳيان اڳيان هڪ ٻيو شخص هلي رهيو هو جيڪو ان لنگڙي انڌي کي سختي سان گهليندو وٺي وڃي رهيو هو. حضرت سيدُنا عمر فاروق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه اهو منظر ڏسي ارشاد فرمايو: مون ايترو بُرو منظر اڄ کان پهريان ڪڏهن نه ڏٺو.

حضرت سيدُنا عمرِ فاروق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه وٽ وينل ماڻهن مان هڪ چيو: اي اميرُالمومنين ڇا اوهان هن کي سڃاڻو ٿا؟ جواب ڏنائون: نه. ان چيو: اهو ابنِ صَبغاء آهي، جنهن تي ”**برِيق**“ جي ڦٽڪار پئي آهي. حضرت سيدُنا عمرِ فاروق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه فرمايائون: برِيق ته اُن جو لقب آهي پر اُن جو نالو ڇا آهي؟ ماڻهن ٻڌايو ته ان جو نالو ”عِياض“ آهي. فرمايائون: عِياض کي مون وٽ وٺي اچو. جڏهن اهو آيو ته پاڻ ان کي فرمايائون: مون کي پنهنجو ۽ بنوصَبغاء جو واقعو ته ٻڌايو. اُنهن عرض ڪيو: اي اميرُالمومنين! اهو جاهليت واري زماني جو معاملو آهي جنهن جو قصّو ختم ٿي چڪو آهي، هاڻي ته اللّٰه پاڪ اسلام جي ذريعي روشني ڪئي آهي. حضرت سيدُنا عمر فاروق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه فرمايو: اللّٰه ڪريم معاف فرمائي، جڏهن کان اللّٰه پاڪ اسان کي دينِ اسلام جي ذريعي عزّت عطا فرمائي آهي تڏهن کان اسان کي اهو نٽو جڳائي ته اسان دورِ جاهليت جي ڪنهن معاملي جي

باري ۾ گفتگو ڪريون بهرحال توهان پنهنجو ۽ بنو صَبغاء جو (عبرت انگيز) واقعو بيان ڪريو. عياض واقعو ٻڌائيندي عرض ڪيو: اي اميرالمومنين! صَبغاء جا ڏهه (10) پٽ هئا ۽ مان انهن جو سوٽ هيس، منهنجي ڀائرن مان منهنجي علاوه ڪو ٻيو باقي ناهي رهيو. مان پنهنجي سوٽن جي پاڙي ۾ رهندو هئس، منهنجي سڄي قوم ۾ اهي ئي منهنجا سڀ کان ويجهڪ قريبي رشتيدار هئا. هو مون تي ظلم و ستم ڪندا هئا ۽ منهنجو مال ناحق کسي وٺندا هئا، مان انهن کي خدا جو خوف ڏياريندو هئس، رشتيداري ۽ پاڙيسري هئڻ جا واسطا ڏيندو هئس ته مون تي ظلم نه ڪيو پر اهي واسطا ڏيڻ به مون کي انهن جي ظُلم کان نه بچائي سگهيا، مون انهن کي سندن حالت تي ڇڏي ڏنو، ايستائين جو جڏهن حُرمت (يعني عظمت ۽ پاڪيزگي) وارو مهينو (رجب) (تاريخ ابن عساکر،45/ 81) آيو ته مون آسمان ڏانهن هٿ کڻي انهن جي لاءِ بد دُعا ڪئي:

”اي الله! مان سچي دل سان اها دعا گهران ٿو ته تون هڪ کان علاوه صبغاء جي سيني پٽن کي هلاڪ فرمائي ڇڏ ۽ ان هڪ کي لنگڙو ۽ انڌو ڪري ڇڏ ۽ ڪو اهڙو شخص هجي جيڪو ان کي سختي سان گهليندو وتي.“ پوءِ انهيءَ سال هڪ هڪ ٿي انهن مان 9 ڀاتي مري ويا ۽ اهو هڪ باقي بچيو هو جيڪو انڌو ٿي ويو، ان جون ٽنگون به مفلوج ٿي ويون، جيئن اوهان ڏسي رهيا آهيو ۽ ان کي کڻي اينڊڙ ۽ وينڊڙ سختي سان ان کي گهلي ڪري آڻيندو ۽ وٺي ويندو آهي اهو به اوهان ڏسي ئي ورتو. حضرت سيدُنا فاروقِ اعظمرَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايائون: بيشڪ اهو تمام ئي عجيب واقعو آهي. (ڪتاب البر و الصلة لابن جوزی،الباب الثلاثون فی ثواب صلة الرحم ـــ الخ ،ص167)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هن واقعي ۾ ٻين تي **ظلم و ستم** ڪرڻ وارن جي لاءِ عبرت ئي عبرت آهي، ماڻهن تي اجايو رُعب ڪرڻ ۽ پنهنجي قوّتِ بازو آزمائڻ وارن کي گهرجي ته مظلوم جي آهه کان ڊڄن، ڪنهن منصب مان ناجائز فائدو کڻي غريبن، ڪمزورن کي ديڄارڻ ڌمڪائڻ ۽ ظلم وستم ڪرڻ وارن جي لاءِ به اهو عبرت جو مقام آهي، ڇوته جڏهن مظلوم ظالم جي خلاف بارگاهِ الٰهي

۾ فرياد ڪندو آهي تہ ان جو **فرياد ٻڌو ويندو آهي** ۽ ظالم ڪي انجام تائين پهچڻ ۾ دير ناهي لڳندي جيئن

**حديثِ پاڪ ۾** آهي: اِتَّقِ دَعْوَةَ الْمَظْلُوْمِ فَاِنَّهَا لَيْسَ بَيْنَهَا وَ بَيْنَ اللهِ حِجَابٌ يعني **مظلوم جي بد دُعا کان بچو!** بيشڪ ان جي بد دُعا ۽ الله پاڪ جي وچ ۾ ڪا رُڪاوٽ ناهي. (بخاری، کتاب المظالم و الغصب، باب الاتقاء و الحذر۔۔۔الخ،128/2،حدیث:2448) اڇو سڀ ملي ڪري دعا تا ڪيون:

ہمیشہ ہاتھ بھلائی کے واسطے اٹھیں بچانا ظلم و ستم سے مجھے سدا یارب

رہیں بھلائی کی راہوں میں گامزن ہر دم کریں نہ رخ مرے پاؤں گناہ کا یارب

بيان ڪيل واقعي مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ **رَجَبُ المرجّب جو مهينو دُعائون قبول** ٿيڻ جي حوالي سان وڏي اهميت وارو آهي جيئن تہ تاريخ ابنِ عساڪر جي هڪ ڊگهي روايت ۾ آهي: جاهليت واري زماني ۾ بہ ماڻهو ان مهيني جي تعظيم ڪندا هئا، پنهنجي مٿان ڪيل ظلم جي خلاف ڪا بددُعا وغيره نہ ڪندا هئا پر جڏهن رَجَبُ المرجّب جو مهينو ايندو هو تہ ظالم جي خلاف دُعا ڪندا هئا تہ انهن جي دُعا قبول ٿي ويندي هئي. (تاريخ ابن عساكر،81/45)

حضرت امام زَڪريا قَزوِيني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ شارح بخاري حضرت سيدُنا امام قَسطلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان فرمائن ٿا تہ ڪثير حديث سڳوريون **رجب جي مهيني جي عظمت ۽ شان تي** دلالت ڪن ٿيون ان ۾ عبادتون قبول ۽ دُعائون مُستجاب ٿين ٿيون، جاهليت واري زماني ۾ ڪو مظلوم شخص جيڪڏهن ظالم جي لاءِ بد دُعا ڪرڻ چاهيندو هو تہ پنهنجو ارادو رجب تائين مؤخّر ڪندو هو ۽ رجب جي اچڻ تي ظالم جي خلاف دعا ڪندو هو تہ اها دُعا قبول ٿي ويندي هئي. (عجائب المخلوقات،ص69۔لوامع الانوار،الباب الثالث۔۔۔الخ،الدعاء فی شہر رجب، ص260 مفہوماً)

## دُعائن جي قبوليت جي لاءِ 5 اهم راتيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دُعا جي قبوليت ۾ 5 راتين کي وڏي اهميت حاصل آهي جيئن ته حضرت سيدُنا عبدُ الله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: پنج (5) راتيون اهڙيون آهن جنهن ۾ دُعا رَد ناهي ڪئي ويندي: (1) جمعرات ۽ جمعي جي وچين رات (2) رجَب جي پهرين (يعني چنڊ) رات (3) پندرهن (15) شعبان جي رات (يعني شبِ براءَت) (4) عيدُالفطر جي (چنڊ) رات (5) عيدُالاَضحٰي جي (يعني ذُوالْحِجّہ جي ڏهين) رات. (مصنف عبدالرزاق،کتاب الصيام،باب النصف من شعبان،246/4،حديث: 7957۔لوامع الانوار، الباب الثالث فی اذکار۔۔۔الخ،الدعاء فی شہر رجب، ص 259بتقدم و تاخر)

یاالٰہی جو دعائے نیک میں تجھ سے کروں قدسیوں کے لب سے آمیں رَبنا کا ساتھ ہو

## رَجب ”نالو رکڻ جو سبب

حرمت وارن مهينن مان هڪ رجَبُ المرجّب به آهي جيڪو اسلامي سال جو ستون مهينو آهي. رجب اصل ۾ تَرْجِيْبٌ مان مشتق (نڪتو) آهي جنهن جي معني آهي تعظيم و تڪريم، رجب کي رَجَب ان ڪري چوندا آهن جو ان مهيني کي عظمت بخشي وئي آهي اهو ئي سبب آهي جو ان کي رَجَبُ الْمُرَجَّب (يعني اهو مهينو رجب جنهن جي تعظيم ڪئي وئي هجي.) به چوندا آهن.

علامہ عبدالڪريم بن محمد رافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته رجب کي رجب چوڻ جو سبب اهو آهي جو عرب هن مهيني جي تمام گهڻي تعظيم ڪندا هئا ۽ هن ۾ جهيڙو جهڳڙو ڪرڻ حرام سمجهندا هئا. (التدوين فی اخبار القزوين، 165/1)

رجب جو هڪ نالو شهر اَصَم به آهي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتاوي رضويه ۾ هن نالي جو سبب ڪجهه هيئن ارشاد فرمائن ٿا: هر مهينو پنهنجي هر واقعي جي شاهدي ڏيندو سواءِ رجب جي جيڪو حَسَنات (چڱايون) بيان ڪندو ۽ سيئات (برائين) جي ذڪر تي چوندو ته مان ٻوڙو هئس مون کي خبر ناهي، ان ڪري ان کي ”شهر اَصَم“ چوندا آهن. (فتاوی رضويہ،496/27)

## زبان جي حفاظت ڪريو:

عارِف بِاللّٰه شيخ ضياءُ الدين عبدُالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بعض عالمن کان نقل فرمائن ٿا: جڏهن دورِ جاهليت ۾ ماڻهو (رَجَب جي مهيني ۾) نيزا لڪائي ڇڏيندا هئا ۽ جنگ کان رُڪجي ويندا هئا تہ هاڻي مسلمان هن مهيني ۾ پنهنجي زبانن جي حفاظت ڇو نٿا ڪن ۽ بي حرمتي کان ڇو نٿا رڪجن. بيشڪ ڪجهہ موقعن تي زبان اگهاڙي تلوار ۽ تيز نوڪ دار نيزي کان وڌيڪ نقصان ده هوندي آهي. (طهارة القلوب ، الفصل الثانی عشر فی التقوی، ص125)

بچیں بے کار باتوں سے پڑھیں اے کاش کثرت سے ترے محبوب پر ہر دَم دُرُودِ پاک ہم مولیٰ
ہماری فالتو باتوں کی عادت دُور ہو جائے لگائیں مستقل قفلِ مدینہ لب پہ ہم مولیٰ

## رجب جي مهيني ۾ رحمت جو فيضان

حضرت سيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ حضرت سيدُناشيخ شِهابُ الدين احمد بن حجازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رجَبُ المرجّب جي باري ۾ فرمائن ٿا: ان کي اَلْاَصَبّ(يعني تيز وهڪرو) بہ چوندا آهن انڪري جو هن مبارڪ مهيني ۾ توبہ ڪرڻ وارن تي رحمت جو وهڪرو تيز ٿي ويندو آهي ۽ عبادت ڪرڻ وارن تي قبوليّت جي اَنوار جو فيضان جاري ٿيندو آهي. (مکاشفة القلوب،الباب المتمم للمائة فی فضائل رجب،ص301۔تحفة الاخوان ،ص12)

رجب ۽ اَصَبّ جي علاوه بہ هن مبارڪ مهيني جا ڪيئي نالا آهن. لطائفُ الْمَعَارِف ۾ 17 نالا ذڪر ڪيا ويا آهن. جيئن شَهْرُ الله، مُنْصِلُ الاَسِنَّة، اَلْاَصَبّ، مُطَهِّر، مُعَلّٰى وغيره (لطائف المعارف، ص132) جڏهن تہ حضرت امام ابو الخطاب عمر بن حسن ابنِ دحيہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ بہ نالن جو اضافو ڪيو آهي. (اداء ماوجب لابن دحية، ص 31-35)

## رجب خير و ڀلائي جي ڪنجي

حضرت علامہ يوسف بن عبدُالهادي حنبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: رَجَب جو

مهينو خير ۽ ڀلائي جي ڪنجي آهي. حضرت سيدُنا ابوبڪر ورّاق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: رجَبُ المرجّب (عبادت جو) ٻج پوکڻ جو مهينو آهي، شعبانُ المعظّم آب پاشي (پاڻي ڏيڻ يعني لڙڪن سان سيراب ڪرڻ) جو مهينو آهي ۽ رمضانُ المبارَڪ (رحمت جو) فصل ڪٽڻ جو مهينو آهي. (معارف الانعام وفضل شهورو الايام،ص95۔لطائف المعارف، ص 138) لَطائفُ المَعارف ۾ آهي: رجب جو مهينو هوا جيان آهي، شعبان بادل جيان آهي ۽ رمضان برسات جيان آهي. هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: سال وڻ جيان آهي، رَجَبُ المرجّب ۾ ان جا پن نڪرندا آهن، شعبانُ المعظّم ۾ ٽاريون نڪرنديون آهن ۽ رمضانُ المبارڪ ۾ ميوا پڃيا ويندا آهن ۽ مسلمان ان جو ميوو پٽيندا آهن.

ان ڪان پوءِ پاڻ فڪرِ آخرت جو ذهن ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا: جنهن گناهن سان اعمال نامو ڪارو ڪيو، اهو هن مهيني ۾ توبه ڪري وٺي ۽ اعمال نامي کي روشن ڪري، جنهن فضوليات ۾ عمر وڃائي اهو باقي عمر کي غنيمت سمجهي. (لطائف المعارف ، ص138)

رجب جي مهيني ۾ عبادت جي ڪثرت ڪرڻ وارن تي الله پاڪ جو ڪيتري قدر فضل ۽ ڪرم ٿيندو آهي ان جو اندازو هن حڪايت مان لڳائي سگهجي ٿو، جيئن

## رجب ۾ نيڪ عمل جي برڪت

بَيتُ المقدس ۾ هڪ عورت رجَبُ المُرَجَّب جي هر ڏينهن ۾ ٻارهن هزار ڀيرا سورهءِ اخلاص (قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ) پڙهندي هئي ۽ سڄي مهيني ۾ اُوني لباس پائيندي هئي. هڪ ڀيري اها بيمار ٿي وئي ته ان پنهنجي پٽ کي وصيت ڪئي ته مون کي انهيءَ اُوني لباس سميت دفن ڪيو وڃي. جڏهن اها مري وئي ته ان جي پٽ ان کي عمده ڪپڙن جو ڪفن پارايو، رات جو ان خواب ۾ پنهنجي والده کي ڏٺو ته اها چئي رهي هئي: مان تو کان خوش نه آهيان ڇوته تو منهنجي

وصيت پوري ناهي ڪئي. اهو گهبرائجي ويو، پنهنجي امڙ جو اهو لباس ڪنيو ته جيئن ان کي به قبر ۾ دفنائي ڇڏي، ان وچي ماءُ جي قبر کوٽي پر ان کي قبر ۾ ڪجهه نه مليو، اهو ڏاڍو حيران ٿيو تڏهن ان اها ندا ٻڌي ته ڇا توکي معلوم ناهي ته جنهن رجب ۾ اسان جي اطاعت ڪئي، اسان ان کي تنها ۽ اڪيلو ناهيون ڇڏيندا. (مکاشفة القلوب،الباب المتمم للمائة فی فضائل رجب،ص302۔ تحفة الاخوان ،ص 11)

گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی بُری عادتیں بھی چھڑا یا الٰہی
خطاؤں کو میری مٹا یا الٰہی مجھے نیک خصلت بنا یا الٰہی
مُطیع اپنا مجھ کو بنا یا الٰہی سدا سُنّتوں پر چلا یا الٰہی

## رجب المرجب ۾ دعاءِ نبوي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! روايت ۾ اچي ٿو ته: جڏهن رجب المرجّب جو مهينو ايندو هو ته حضور نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ هي دُعا گهرندا هئا: اَللّٰهمّ بَارِک لَنَا فِي رَجَبٍ وّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان. ترجمو: ياالله! اسان جي لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪت فرماءِ ۽ اسان کي رمضان نصيب فرماءِ. (معجم اوسط،من اسمه علی، 85/3، حديث:3939۔ لوامع الانوار،الباب الثالث فی اذکار۔۔۔الخ، الدعاء فی شهر رجب، ص260)

**مُفسّرِ قرآن**، مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: صوفي سڳورا رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهم فرمائن ٿا: رجب ٻج پوکڻ جو مهينو آهي، شعبان پاڻي ڏيڻ ۽ رمضان فصل ڪٽڻ جو، تنهنڪري رجب جي مهيني ۾ نفلن جي خوب ڪوشش ڪريو، شعبان ۾ پنهنجي گناهن تي رُئو ۽ رمضان ۾ رَبّ تعاليٰ کي راضي ڪري هن فصل کي خيريت سان لُٽيو، انهن جي هن قول جو ماخذ اها (بيان ڪيل) حديث آهي يعني رجب ۾ اسان جي عبادتن ۾ برڪت ڏي ۽ شعبان ۾ خشوع و خضوع عطا فرماءِ ۽ رمضان کي ماڻڻ ۽ هن ۾ روزا ۽ قيام نصيب ڪر. (مرأ ة المناجيح،330/2 بتغير)

## فضيلت وارو زمانو ماڻ جي دعا مستحب آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث شريف مان معلوم ٿيو ته نيڪ عملن جي لاءِ فضيلت واري زماني تائين زنده رهڻ جي دُعا ڪرڻ مستحب آهي ڇوته مومن ٻانهي جي عمر گهٽي هوندي آهي ته ان جي ڀلائي به گهٽي هوندي آهي ۽ ماڻهن مان بهتر انسان اهو آهي جنهن جي عمر وڏي ۽ عمل چڱو هجي. بزرگانِ دين رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِم پسند ڪندا هئا ته انهن کي نيڪ عملن کان پوءِ موت اچي جيئن رمضان جو روزو رکڻ کان پوءِ ۽ حج کان واپسي تي موت اچي. چيو ويندو هو: جنهن جو ائين انتقال ٿيندو آهي ان کي بخشيو ويندو آهي. (لطائف المعارف،ص138)

## رجب ۾ انتقال جي تمنا ڪرڻ وارو عالمِ دين

هڪ نيڪ عالمِ دين رَجَبُ المرجّب کان پهريان بيمار ٿيو ته فرمائڻ لڳو: مون اللّٰه پاڪ کان دُعا ڪئي آهي ته منهنجي وفات رجَبُ المرجّب تائين مؤخّر فرمائي ڇوته مون کي اها خبر پهتي آهي ته رجب ۾ اللّٰه پاڪ ٻانهن کي (دوزخ کان) آزاد فرمائيندو آهي. پوءِ اللّٰه پاڪ اُنهن کي رَجَبُ المرجّب عطا فرمايو ۽ انهيءَ مهيني ۾ سندن انتقال ٿيو. (لطائف المعارف ،ص138)

## رجب اللّٰه پاڪ جو مهينو آهي

اسان جي پياري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: رَجَبٌ شَهرُ اللّٰه تعالٰي وَشَعْبَانُ شَهرِي وَرَمَضَانُ شَهرُ اُمَّتِي يعني رجب اللّٰه پاڪ جو مهينو آهي، شعبان منهنجو مهينو آهي ۽ رمضان منهنجي اُمّتين جو مهينو آهي. (مسند الفردوس، باب الراء،275/2،حديث:3276)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هونئن ته هر مهينو ئي اللّٰه پاڪ جو آهي، پر حديثِ پاڪ ۾ خاص طور تي رجب کي اللّٰه پاڪ جو مهينو چئو قرار ڏنو ويو ان جي حڪمت بيان ڪندي علامہ عبدُ الرؤف مَناوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: رجب کي اللّٰه پاڪ ڏانهن منسوب ڪرڻ هن مهيني جي شرافت ۽ عظمت تي دلالت ڪري ٿو. (فيض القدير، حرف الراء، 24/4،تحت الحديث:4411)

شيخ شِهابُ الدّين احمد بن حجازي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اها حديثِ پاڪ لکڻ کان پوءِ فرمائن ٿا: حرمت وارا ٽي مهينا (ذُو القعده، ذُو الحجہ ۽ محرّم) تہ لڳاتار آهن ۽ هڪ مهينو اڪيلو آهي جيڪو رجب آهي. صوفي سڳورا رَحِمَهُمُ الله السَّلَام فرمائن ٿا: بيشڪ الله پاڪ اڪيلو آهي تہ الله پاڪ جو مهينو بہ تنها آهي تنهنڪري الله پاڪ سان محبت ڪرڻ واري کي بہ گهرجي تہ هو پنهنجي محبت تنها سان رکي تہ جيئن دُنيا ۾ ان جي اندر ان اڪيلي(خدا) جي عبادت جي صلاحيت پيدا ٿئي ۽ آخرت ۾ خدا پاڪ جي ديدار جي قابليت پيدا ٿئي. (تحفة الاخوان ،ص 11، 12)

عبادت میں،رِیاضت میں،تِلاوت میں لگا دے دِل
رجب کا واسطہ دیتا ہوں فرما دے کرم مولیٰ

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم"مدني مذاڪرو"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! رجب جي مهيني ۾ خوب عبادت ڪرڻ ۽ پنهنجي اندر نيڪين جو جذبو بيدار ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو. 12 مدني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم **"هفتہ وار مدني مذاڪرو"** بہ آهي. هن مدني ڪم جا بيشُمار دِيني ۽ دُنيوي فائدا آهن. جيئن، ◆ مَدَني مذاڪري جي بَرَڪت سان گناهن کان نفرت پيدا ٿيندي آهي. ◆ مَدَني مذاڪري سان علمِ دِين حاصل ٿيندو آهي. ◆ مَدَني مذاڪري ۾ دِيني معلومات ملڻ سان گڏوگڏ اَخلاقي تربيت بہ ٿيندي آهي. ◆ مدني مذاڪري جي برڪت سان اُمّتِ مُسلمہ جي خيرخواهي جو جذبو نصيب ٿيندو آهي. ◆ مدني مذاڪري جي برڪت سان عاشقانِ رسول جي صحبت نصيب ٿيندي آهي.

اچو! نِيت ڪريون ٿا تہ اسان بہ هر هفتي "مَدَني مُذاڪرو" ڏسڻ کي يقيني بڻائينداسين ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ مَدَني مذاڪرو ڏسڻ جي دعوت ڏيندا

رهنداسين اِنْ شَآءَ الله . هفتيوار مَدَني مذاڪري کان علاوه مختلف موقعن تي بہ مَدَني مذاڪرن جو سلسلو ٿيندو آهي، جيئن تہ ڪجهہ ئي ڏينهن کان پوءِ رجب المرجب جي آمد ٿيڻ واري آهي ۽ رجب جي شروعاتي 6 ڏينهن ۾ 6 مدني مذاڪرن جو سلسلو بہ ٿيندو آهي، جنهن ۾ سڄي ملڪ مان عاشقانِ رسول عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ۾ گڏ ٿي انهن مدني مذاڪرن جون برڪتون حاصل ڪندا آهن، علمِ دِين سکندا آهن. عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي جي علاوه ٻين ڪيئي شهرن ۾ عاشقانِ رسول اجتماعي طور تي انهن مدني مذاڪرن ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪندا آهن، الله ڪري تہ اسان بہ رجب جي مهيني ۾ ٿيندڙ انهن مدني مذاڪرن مان خوب علمِ دِين حاصل ڪرڻ، فيضانِ خواجہ غريب نواز ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. اچو! تَرغيب لاءِ مدني مذاڪري جي هڪ مَدَني بَهار ٻڌون ٿا،

## مدني مذاڪري جي برڪت

واه ڪينٽ (پنجاب، پاڪستان) جي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ دعوت اسلامي جي مدني ماحول کان اڳ ڪيئي نوجوانن جيان مان بہ ڪافي اَخلاقي بُرائين ۾ مبُتلا هئس. فلمون ڊراما ڏسڻ، راند روند ۾ وَقت برباد ڪرڻ منهنجو محبوب مَشغَلو هو. گهر ۾ مدني چينل هلڻ جي برڪت سان مدني مُذاڪرو ڏسڻ جي سَعادت نصيب ٿي، اَلْحَمْدُلِلّٰه اڳوڻن سيني گُناهن کان توبہ ڪري فرض ۽ واجب جو عامِل ٿيڻ جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهيان، چهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي شريف سجائي ورتي ۽ مدني حُليو بہ اَپنائي ورتو آهي، الله پاڪ جو وڏيڪ ڪرم هي ٿيو جو والِدَين خوشي سان ”وقفِ مدينہ“(دعوتِ اسلامي جي ڪمن لاءِ پيش) ڪري ڇڏيو آهي.

اے بیمارِ عصیاں تُو آجا یہاں پر　گناہوں کی دیگا دَوا مَدَنی ماحول

گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ  گناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول
پِلا کر مئے عشق دیگا بَنا یہ  تمہیں عاشِقِ مُصْطَفٰے مَدَنی ماحول

(وسائلِ بخشش مُرمَّم،ص۶۴۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حُرمت وارا 4 مهينا

واقعي رجَبُ المرجّب نهايت بابرڪت مهينو آهي. اهو **حُرمت** (يعني عظمت ۽ پاڪيزگي) وارن انهن 4 مهينن مان هڪ آهي جن جو **شان ۽ عظمت** قرآن و حديث ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جيئن الله پاڪ جو ارشاد آهي:

اِنَّ عِدَّةَ الشُّهُوْرِ عِنْدَ اللّٰهِ اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ يَوْمَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ مِنْهَاۤ اَرْبَعَةٌ حُرُمٌ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ۙ۬ فَلَا تَظْلِمُوْا فِيْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ (پ 10 التوبة 36)

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ مهينن جي ڳڻپ الله جي ويجهو ٻارهن مهينا آهي الله جي ڪتاب ۾، جڏهن کان ان آسمان ۽ زمين بڻايا انهن مان چار حرمت وارا آهن، هي سڌو دين آهي تہ هنن مهينن ۾ پنهنجي جان تي ظلم نہ ڪريو

## حُرمت وارن مهينن جا نالا

حضرت سيدُنا ابو بَڪره رَضِيَ اللهُ عَنْه بيان ڪن ٿا: نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **حجة الوَداع** جي موقعي تي خطبو ڏنو، خطبي دوران ارشاد فرمايائون: زمانو پنهنجي انهيء هيئت تي گردش ڪري رهيو آهي جنهن تي زمين ۽ آسمان جي پيدائش ڪئي وئي هئي، سال ۾ 12 مهينا آهن جن مان 4 حُرمت وارا آهن، 3 لڳاتار **ذُو القعده، ذُو الحجہ ۽ محرّم** ۽ مُضَر قبيلي وارن جو رجب جيڪو **جُمادَي الأُخري ۽ شعبان** جي وچ ۾ آهي. (بخارى، كتاب بدء الخلق، باب ما جاء فى سبع ارضين،376/2، حديث:3197)

هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ رجب کي "قبيلهءِ مُضَر" ڏانهن منسوب ڪرڻ

جو سبب هيئن ٻڌايو ويو آهي: هڪ قول اهو آهي: قبيلهءِ مُضَر وارا رجَبُ المرجّب جي گهڻي عزّت و تعظيم ڪندا هئا. ٻيو قول اهو آهي: قبيلهءِ ربيعه وارا رمضانُ المبارڪ کي حرمت وارن مهينن ۾ شمار ڪندا هئا جڏهن ته قبيلهءِ مُضَر وارا رجبُ المرجّب کي حرمت وارو مهينو قرار ڏيندا هئا، ان ڪري نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي "قبيلهءِ مُضَر وارن جو رجب" نالو ڏنو. (لطائف المعارف، ص 132)

## حرمت وارن مهينن ۾ گُناهن جي خصوصي ممانعت

حرمت وارن مهينن جي باري ۾ جيڪا آيت سڳوري ذڪر ڪئي وئي آهي ان جي حوالي سان تفسيرن ۾ آهي ته آيت سڳوري ۾ جيڪو ظلم کان منع ڪيو ويو آهي هن ظلم مان الله پاڪ جي نافرماني وارا ڪم ڪرڻ ۽ ان جي اطاعت وارا ڪم ڇڏي ڏيڻ مراد آهي . (درمنثور،التوبۃ،تحت الآیۃ:36،4/187۔تفسیرطبری،التوبۃ،تحت الآیۃ:36،6/365، رقم:16710۔ تفسیر ابن ابی حاتم ،التوبۃ،تحت الآیۃ:36، 5/47،رقم :10344)

حضرت سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا فرمائن ٿا ته الله پاڪ انهن 12 مهينن مان 4 مهينن کي خصوصيت عطا فرمائي ۽ ان جي حرمت کي عظمت بخشي ۽ انهن مهينن ۾ گُناهه کي وڏو گُناهه قرار ڏنو. (تفسیر ابن ابی حاتم،التوبۃ،تحت الآیۃ:36، 5/46، رقم:10337۔تفسیر طبری، التوبۃ، تحت الآیۃ: 36، 6/366، رقم :16711)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته حرمت وارن مهينن ۾ گناهه ڪرڻ عظيم گناهه آهي. حرمت وارن مهينن ۾ رجب جو مهينو به شامل آهي ته اسان کي اُن ۾ به گناهن کان بچڻ گهرجي. اچو! هن مهيني جو احترام ڪرڻ ۽ ان ۾ گناهن کان بچڻ جي برڪتن تي مشتمل هڪ حڪايت ٻڌون ٿا.

## رَجَب جو احترام ۽ ان جو انعام

**جيئن** اَمِيرِ اهلسنّت، حضرت علّامه محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ پنهنجي مايه ناز تاليف فيضانِ سُنّت (جلد اوّل) جي صَفحي 1355 تي هڪ

حِڪايت بَيان فرمائن ٿا: حضرتِ سَيدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰي نَبِيِّنا وَ عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام جي دور جو واقعو آهي تہ هڪ شخص ڪافي عرصي ڪان ڪنهن عورت تي عاشق هيو. هڪ ڀيري ان پنهنجي معشوقہ ڪي قابو ڪيو. ماڻهن جي هلچل مان ان اندازو لڳايو تہ ماڻهو چنڊ ڏسي رهيا آهن. ان عورت ڪان پُڇيو: ماڻهو ڪهڙي مهيني جو چنڊ ڏسي رهيا آهن؟ ان چيو: ”رجب جو“. اهو شخص جيتوڻيڪ ڪافر هيو پر رجب شريف جو نالو ٻُڌندي ئي تعظيم خاطر يڪدم الڳ ٿي ويو ۽ زنا ڪان مُڙي ويو. حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي حڪم ٿيو تہ اسان جي فلاڻي ٻانهي جي زيارت لاءِ وڃو. پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تشريف کڻي ويا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو حڪم ۽ پنهنجي تشريف آوريءَ جو سبب ارشاد فرمايائون. اهو ٻُڌندي ئي ان جي دل اسلام جي نور سان مُنور ٿي وئي ۽ ان يڪدم اسلام قبول ڪري ورتو. (فيضانِ سنّت جلد اوّل ،ص١٣٥٥)

گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی — بُری عادتیں بھی چُھڑا یاالٰہی
خطاؤں کو میری مِٹا یاالٰہی — مجھے نیک خَصلت بنا یاالٰہی
مُطیع اپنا مجھ کو بنا یاالٰہی — سدا سنّتوں پر چلا یاالٰہی
تجھے واسِطہ سارے نبیوں کا مولیٰ — مری بَخش دے ہر خطا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان رجب جي بهار! رجَبُ المُرَجَّب جي تعظيم ڪري هڪ ڪافِر کي ايمان جي دولت نصيب ٿي وئي. تہ جيڪو مسلمان رجَبُ الْمُرَجَّب جو احترام ڪندو ان کي خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا انعام ملندا. مسلمانن کي گهرجي تہ رجَب شريف جو خوب احترام ڪن.

## رجب جو مهينو ڪيئن گذاريون؟

اسان رجب جو مقدس مهينو ڪيئن گذاريون؟ اچو! هن باري ۾ اٺ(8) مدني

ڳالھ ٻڌون ٿا:

## (1) نيڪ ڪمن ۾ وقت گذاريو!

هونئن تہ سڄو سال اسان کي نيڪين ۾ مصروف رهڻ گهرجي پر رجب ۾ خاص طور تي خوب نيڪ عملن جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ڇوتہ اهو حرمت وارن مهينن مان آهي ۽ مشهور تابعي بزرگ حضرت سيدنا قتاده فرمائن ٿا: اَلْعَمَلُ الصَّالِحُ اَعْظَمُ اَجْرًا فِی الْاَشْھُرِ الْحُرُمِ يعني حرمت وارن مهينن ۾ نيڪ عمل جو اجر وڏي ويندو آهي. (تفسير بغوی،التوبۃ،تحت الآیۃ:36، 244/2)

تنهنڪري اسان کي بہ ماهِ رجب ۾ نيڪ عمل ڪرڻ گهرجن. اسان کي گهرجي تہ نمازون جماعت سان پڙهون، نيڪي جي دعوت ڏيون، گناهن کان منع ڪريون، مدرسة المدينه ۾ سکڻ سيکارڻ جو سلسلو ٻڌايون، فجر جي نماز کانپوءِ مدني حلقي ۾ شرڪت ڪريون، هفتہ وار اجتماع ۾ اول کان آخر شرڪت ڪريون. مسجد درس ڏيون/ٻڌون، چوڪ درس ڏيون/ ٻڌون. مطلب تہ! هي سڀ نيڪي جا ڪم آهن سڄو ماھ رجب بلڪ سڄي زندگي انهيءَ ڪمن ۾ گذارڻ جي نيت ڪيو.

## (2) رجب جا روزا رکو!

هن سان ڳڏوگڏ رجب جون رحمتون ۽ برڪتون ماڻڻ جو هڪ طريقو اهو آهي تہ هن ۾ خوب خوب **روزا** رکيا وڃن، ڇوتہ رجب مهيني ۾ بہ روزا رکڻ جون ڪوڙ فضيلتون آهن، اچو! رجب جا روزا رکڻ بابت فضيلتن واريون ٿي روايتون ٻڌون ٿا:

(1) حضرت سيدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي: **جنّت ۾ هڪ نهر** آهي جنهن کي رجب چيو وڃي ٿو، ان جو پاڻي کير کان وڌيڪ سفيد ۽ ماکيءَ کان وڌيڪ مٺو آهي، جيڪو رجب جي مهيني ۾ هڪ روزو رکندو

الله تعاليٰ ان کي ان نهر مان سيراب فرمائيندو. (شعب الايمان،باب فی الصيام۔۔۔الخ،3/ 367 ،حديث:3800۔التدوين فی اخبار القزوين، 165/1)

(2) مشهور تابعي بُزرگ حضرت سيدُنا ابو قِلابہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: رَجَب جي روزي دارن جي لاءِ جنت ۾ هڪ محل آهي. (شعب الايمان،باب فی الصيام ۔۔۔الخ،368/3،حديث:3802)

(3) عارِف بِالله شيخ ضياءُ الدين عبدُالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مروي آهي تہ جنهن رجب جا ست روزا رکيا ان جي لاءِ جهنم جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن ۽ جنهن ڏه روزا رکيا اهو الله پاڪ کان جيڪو گهرندو آهي الله پاڪ ان کي عطا فرمائيندو آهي ۽ بيشڪ جنت ۾ هڪ محل آهي جنهن جي سامهون دنيا هڪ پکيءَ جي آکيري جيان آهي ان محل ۾ صرف رجب جا روزا رکڻ وارا ئي داخل ٿيندا. (طهارة القلوب ، الفصل الثانی عشر، ص 125)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ رجب ۾ روزا رکڻ جو گهڻو اجر آهي. اسان کي گهرجي تہ اسان بہ روزا رکي هن مهيني جون برڪتون ماڻيون، هن مهيني جي ايندي ئي وڌ کان وڌ روزا رکون، نہ تہ هر سومر ۽ جمعرات جو تہ ضرور روزو رکون، جيڪڏهن اهو نہ بہ ٿئي تڏهن بہ گهٽ ۾ گهٽ هر سومر شريف جو تہ روزو رکي وٺون. زهي نصيب جو گهر ۾ اهڙو ماحول بڻجي وڃي جو سيئي ڀاتي سحري ۾ اٿي رهيا هجن ۽ نمازِ تهجد پڙهي سحري ڪري رهيا هجن ۽ رجب جي نفلي روزن جون هر پاسي بهارون هجن.

## سحري اجتماعات جو انعقاد ڪريو!

اَلْحَمْدُلله! **عاشقانِ رسول** جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ فرض روزا رکڻ، رکرائڻ جي ترغيب سان گڏوگڏ **نفل روزن جي تحريڪ** بہ هلائي ويندي آهي، جنهن جي برڪت سان سڄي دُنيا ۾ هزارين عاشقانِ رسول رجب ۽ شعبان جي مهيني ۾ اهتمام سان **نفل روزا** رکڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. نفل روزا رکڻ وارن جي آساني جي لاءِ مختلف علائقن ۽ ڊويزنن ۾

**سحري اجتماعات** جو اِنعقاد ڪيو ويندو آهي، جنهن جو باقاعده جدول(Schedule) ٺهندو آهي، عشاء جي نماز ۾ ئي اسلامي ڀائر گڏ ٿي ويندا آهن، نمازِ عشاء کان پوءِ **مختصر بيان** ۽ مسجد ۾ ئي **رات اعتڪاف** جي سعادت حاصل ڪندا آهن، پوءِ **نمازِ تهجد** کان هن جدول جو آغاز ٿيندو آهي، پوءِ **مُناجات** (دُعا) ۽ **سحري** جو سلسلو ٿيندو آهي، اذانِ فجر کان پوءِ **صداءِ مدينه**، **نمازِ فجر** کان پوءِ **مدني حلقو**، **نمازِ اِشراق ۽ چاشت** کان پوءِ صلٰوة وسلام تي هن جدول جو اختتام ٿيندو آهي. اي ڪاش! جو هن سال ذمہ دارانِ دعوتِ اسلامي کان رابطو ڪري اسان بہ **سحري اجتماعات** ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ **نفل روزا** رکڻ جي سعادت ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3) استغفار جي ڪثرت ۽ عمري جي سعادت ماڻيو!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! **رجب جون برڪتون** ماڻڻ جو هڪ ذريعو اهو بہ آهي تہ هن مبارڪ مهيني ۾ **اِستِغفَار جي ڪثرت** ڪئي وڃي. نيڪن جي سردار، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي رَجَب جي مهيني ۾ **اِستِغْفار جي ڪثرت** ڪريو. بيشڪ ان جي هر هر گهڙي ۾ الله ڪريم ڪيئي ٻانهن کي **باھ کان نجات** عطا فرمائيندو آهي. (مسند الفردوس، باب الالف، ذكر الاحاديث التي امر بها النبی امته۔۔۔الخ، 81/1، حديث:247)

حضرت سَيدُنا وَهب بن مُنبِّه رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: جيڪو شخص رجَب جي مهيني ۾ صبح و شام هٿ کڻي ستّر (70) ڀيرا هن طرح مغفرت جي دُعا گهري: ”اَللّٰهمَّ اغْفِرْ لِي وَ ارْحَمْنِي وَ تُبْ عَلَيّ“ ترجمو: اي الله! منهنجي مغفرت فرماءِ مون تي رحم فرماءِ ۽ منهنجي توبہ قبول فرماءِ. تہ ان جي جسم کي ڪڏهن بہ باھ نہ ڇُهندي. (طهارة القلوب ،الفصل الثانی عشر فی التقوی، ص 126)

ان ڪري **اِستِغْفار** جي ڪثرت کي پنهنجو معمول بڻايو. ممڪن هجي تہ

ڪجهہ منٽ ئي سهي **اِستِغْفار** (اَستَغْفِرُالله) پڙهڻ جي لاءِ خاص ڪري ونو. ان سان گڏوگڏ جيڪڏهن ممڪن هجي تہ هن مبارڪ مهيني ۾ **عمري جي** بہ **سعادت** حاصل ڪريو، ڇوتہ صحابہءِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان سميت ڪيئي بزرگن جو معمول هو تہ **رجب جي مهيني ۾ عمرو** ڪرڻ کي پسند ڪندا هئا.

## (4) رجب ۾ ايصالِ ثواب ڪريون!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح عام ڏينهن ۾ مسلمان فاتحہ خواني ڪندا آهن ۽ پنهنجي مرحومين ۽ بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِم جي ايصالِ ثواب جي لاءِ مختلف طريقا اختيار ڪندا آهن، اهڙي طرح رجَبُ المرجب ۾ بہ **ايصالِ ثواب جو** اهتمام ڪيو ويندو آهي. ڪيئي عاشقانِ رسول حضرت سيدُنا امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه جي ايصالِ ثواب جي لاءِ ڪيرٽي ۽ مني ماني وغيره تي فاتحہ خواني ڪندا آهن جن کي **ڪونڊا** چيو ويندو آهي، يقيناً انهن سيني جي اصل **ايصالِ ثواب** آهي جيڪا احاديثِ مبارڪ مان ثابت آهي.

حضرت سيدُنا سعد بن عُباده رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ اُنهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ! منهنجي ماءُ جو انتقال ٿي ويو آهي، اُن جي لاءِ ڪهڙو صدقو افضل آهي؟حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ فرمايائون: ”پاڻي“ پوءِ حضرت سعد رَضِيَ اللهُ عَنْه هڪ کوهہ کوٽايو ۽ چيو تہ اهو کوهہ سعد جي ماءُ جي لاءِ آهي. (يعني ان جو ثواب ان جي روح کي ملي) (ابو داوٗد،کتاب الزکاۃ،باب فی فضل سقی الماء،2/180،حدیث:1681)

حضرت علامہ جلالُ الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه نقل فرمائن ٿا تہ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم ست (7) ڏينهن تائين انتقال ٿي ويندڙن جي طرفان کاڌو کارائيندا هئا. (الحاوی للفتاوی،کتاب الاضحیۃ،باب الشہادات،2/ 223)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو کاڌو کارائڻ جي ذريعي **ايصالِ ثواب** ڪرڻ سنتِ صحابہ آهي ۽ رجب جي ڪونڊن ۾ بہ کاڌي ئي جي شيءِ هوندي آهي جيڪا **ايصالِ ثواب** جي لاءِ کارائي ويندي آهي.

## رجب جا ڪونڊا

**حضرتِ علامہ مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: رجب جي مهيني ۾ ڪجھ هنڌن تي حضرتِ (سَيِدُنا) امام جعفر صادِق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ کيرڻي جا ڪونڊا تيار ڪيا ويندا آهن، اهو بہ جائز آهي پر ان ۾ بہ ڪن ماڻهن پابندي لڳائي رکي آهي اها اجائي پابندي آهي. ان ڪونڊن جي باري ۾ هڪ ڪتاب بہ آهي جنهن جو نالو "داستانِ عجيب" آهي، ان موقعي تي ڪي ماڻهو هن ڪي پڙهائيندا آهن ۽ ان ۾ جيڪو ڪجھ لکيل آهي ان جو ڪو بہ ثبوت ناهي اهو نہ پڙهيو وڃي، فاتحہ پڙهي اِيصالِ ثواب ڪيو.** (بهار شريعت،حصہ 16، 643/3)

اميراهلسنّت دامت برڪاتهم العاليہ پنهنجي رسالي "**ڪفن جي واپسي**" صفحي 15 تي فرمائن ٿا: اهڙي طرح ڏھ بيبين جي ڪهاڻي، "ڪاٺير جي ڪهاڻي" ۽ جنابِ سيده واري ڪهاڻي سڀ مَن گهڙت قِصا آهن انهن کي نہ پڙهيو وڃي، هن جي بدران ياسين شريف پڙهي وٺو تہ جيئن ڏهن قرآنن جو ثواب ملي، هي ياد رهي تہ ڪونڊي ۾ ئي کيرڻي کارائڻ ضروري ناهي، بين ٿانوَن ۾ بہ کائي ۽ کارائي سگهو ٿا اِيصالِ ثواب (يعني ثواب پهچائڻ)، قرآنِ ڪريم ۽ اَحاديثِ مُبارَڪ مان ثابت آهي، ايصالِ ثواب دعا جي ذريعي بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ کاڌو وغيره پچائي ان تي فاتحہ بہ ڏياري سگهجي ٿي. ڪونڊن جي نياز بہ اِيصالِ ثواب ئي جي هڪ صُورت آهي، هن کي ناجائز چوڻ، شريعت تي اِفتِرا (يعني تهمت لڳائڻ) آهي.

اميراهلسنّت پنهنجي رسالي "ڪفن جي واپسي" ۾ وڌيڪ فرمائن ٿا: **سڄي** رجب ۾ بلڪ سڄي سال ۾ جڏهن چاهيو **ايصالِ ثواب** جي لاءِ ڪونڊن جي نياز ڪري سگهو ٿا، البت مناسب اهو آهي تہ 15 **رجبُ المرجب** جو "**رجب جا ڪونڊا**" ڪيا وڃن ڇوتہ اهو حضرت سيدُنا امام **جعفر صادق** رَضِيَ اللهُ عَنْه جي **عرس** **جو ڏهاڙو** آهي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي ٻه هن مهيني ۾ پنهنجي بزرگن، پنهنجي خاندان جي مرحومين ۽ سڀني **اُمت جي لاءِ ايصالِ ثواب** ڪرڻ گهرجي. اللّٰه پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي.

## (5) رجب جي پهرين رات عبادت ۾ گذاريون

رجب جي مهيني ۾ ڪئي ويندڙ ڪمن مان هڪ اهو به آهي ته جڏهن **رجب جي پهرين رات** اچي ته ان کي خاص ڪري **عبادت** ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪريون، نفل ۽ تلاوت جي ڪثرت ڪريون، درود وسلام پڙهون ۽ **مدني چينل** سان گڏ پهرين رات گذاريون.

وڌيڪ هن مهيني ۾ ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي، اچو! انهيءَ باري ۾ اَميرِ اهلسنّت حضرتِ علّامہ محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رجب المرجب جي حوالي سان مڪتوب جو خلاصو ٻڌون ٿا:

## مڪتوبِ عطّار

اَميرِاهلسنت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: منهنجي طرفان، تمام اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن، مدارس المدينہ ۽ جامعاتُ المدينہ جي اساتذه ، طَلَبہ، معلمات ۽ طالبات جي خدمات ۾ ڪعبہءِ مُشَرّفہ جي چوڌاري گهمندو، گنبذ خضريٰ کي چمندو رَجَبُ المُرَجب، شَعبانُ المُعَظم ۽ رمضانُ المُبارڪ جي برڪتن سان مالا مال جهومندو سلام،

اَلسَّلامُ عَلَيكم وَرَحمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُه

اَلْحَمْدُ لِلّٰه رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ عَلٰى كُلِّ حَالٍ

ہو نہ ہو آج کچھ مرا ذکر حضور میں ہوا      ورنہ مری طرف خوشی دیکھ کے مسکرائی کیوں

(حدائقِ بخشش ،ص٩٧)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه هڪ ڀيرو وري خوشين جا ڏينهن اچڻ لڳا رجب شريف جي مهيني جي آمد آمد آهي. هن مبارڪ مهيني ۾ عبادت جو ٻج پوکيو ويندو آهي، شَعبانُ المُعَظم ۾ شرمساري جي ڳوڙهن سان پاڻي ڏنو ويندو آهي ۽ رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ رحمت جو فصل ڪٽيو ويندو آهي.

## ٽن مهينن جا روزا

رجب المرجب جا قدر دانو! تعليم و تعلُّم (يعني سکڻ ۽ سيکارڻ) ۽ ڪسبِ حلال ۾ رڪاوٽ نہ هجي، ماءُ پيءُ بہ بلا وجہ منع نہ ڪن، ڪنهن جي بہ حق تلفي نہ ٿيندي هجي تہ جلدي جلدي ۽ تمام جلدي مسلسل ٽن مهينن جا يا رمضان المبارڪ جي مڪمل فرض روزن سان گڏ جنهن ڪان جيترا ٿي سگهن نفل روزن جي لاءِ تيار ٿي وڃو، سحري ۽ افطار ۾ گهٽ ڪائي پيٽ جو قفل مدينہ بہ لڳايو. ڪاش! هر گهر ۾ ۽ منهنجي جملہ مدارس المدينہ ۽ تمام جامعة المدينہ ۾ روزن جون بهارون اچي وڃن. بس پهرين رجب شريف کان ئي روزن جو آغاز فرمائيندا وڃو.

## رجب جي ابتدائي ٽن روزن جي فضيلت

رَجب شريف جي ابتدائي ٽن روزن جي فضيلتن جي بہ ڇا ڳالهہ آهي! حضرتِ عبدُالله اِبنِ عبّاس رَضِیَ اللهُ عَنْهُما کان روايت آهي:

بي چَين دلين جي چَين، ناناءِ حَسنين صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رَحمت نشان آهي: رجب جي پهرئين ڏينهن جو روزو ٽن سالن جو ڪفارو آهي ۽ ٻئي ڏينهن جو روزو ٻن سالن جو ۽ ٽئي ڏينهن جو رزو هڪ سال جو ڪفارو آهي، پوءِ هر ڏينهن جو رزو هڪ مهيني جو ڪفارو آهي. (جامع صغير ،ص٣١١، حديث: ٥٠٥١)

مِیں گنہگار گناہوں کے سِوا کیا لاتا نیکیاں ہوتی ہیں سرکار نِکو کار کے پاس

(وسائل بخشش مرمم،ص۲۳۵)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

اَميرِاهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه فرمائن ٿا: جيڪڏهن مُطالَعو ڪري ورتو هجي تڏهن بہ بئي رسالا (1) ”ڪفن جي واپسي پڻ رجب جون بهارون“ ۽ (2) ”آقا جو مهينو“ پڙهي ڇڏيو، ۽ پڻ هر سال شعبان المُعَظّم ۾ فيضان سنّت جلد اول جو باب ”فيضانِ رمضان“ بہ ضرور پڙهندا ڪريو. ٿي سگهي تہ عيدِ مِعراجُ النبي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نسبت سان 127 يا 27 رسالا يا حسبِ توفيق فيضانِ رمضان بہ تقسيم فرمايو ۽ خوب خوب ثواب ڪمايو.

## (6) جشنِ معراج النَّبي

دعوتِ اسلامي جي طرف کان رَجَبُ المُرَجَّب جي ستاويهين رات، جشنِ معراج النبي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سلسلي ۾ ٿيڻ واري اجتماعِ ذِڪر و نعت ۾ تمام اسلامي ڀائر شروع کان آخر تائين شرڪت فرمائيندا ڪريو ۽ پڻ 27 رجب شريف جو رزو رکي ڪري 60 مهينن جي روزن جي ثواب جا حقدار بڻجو.

رجب کی بہاروں کا صدقہ بنادے ہمیں عاشقِ مصطفٰے یا الٰہی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (7) عطيات گڏ ڪرڻ ۾ حصو وٺو

اَميرِاهلسنّت، حضرت علامہ محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي انهيءَ مڪتوب ۾ فرمائن ٿا: تمام اسلامي ڀائرن سان بالعُمُوم ۽ جامعات المدينه ۽ مدارس المدينه جي جملہ قاري صاحبن، استادن، ناظمن ۽ طالبن جي خدمت ۾ بالخصوص تڙپندڙ مدني عرض آهي تہ براءِ ڪرم! (منهنجي

جيئري ۽ مرڻ کان بعد بہ) زڪوٰة، فطرو، قرباني جون کلون ۽ ٻيا عطيات جمع ڪرڻ ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺندا ڪريو. (اسلامي ڀينرون ڀين اسلامي ڀينرن ۽ مَحارِم ڪي ترغيب ڏيارين) خدا جو قسم! مون ڪي انهن استادن ۽ شاگردن جي باري ۾ ٻڌي ڪري تمام گهڻي خوشي ٿيندي آهي جيڪي پنهنجي ڳوٺ يا شهر ۾ وڃڻ جي خواهش ڪي قربان ڪري رمضان المبارڪ جو مهينو جامعات ۾ گذاريندا آهن ۽ پنهنجي مَجلس جي هدايتن جي مطابق چندي جي بستن تي ذميداريون سنڀاليندا آهن. الله پاڪ اسان ڪي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاه النَّبِي الْاَمِين

## (8) اجتماع خواجہ غريب نواز ۾ شرڪت جي نيت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! امير اهلسنت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيه جي مڪتوب جو خلاصو اسان ٻڌو الله ڪري تہ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيه جي هنن اِرشادن جي مطابق اسان بہ ڪجھ نہ ڪجھ **نفل روزا** رکڻ جي سعادت ماڻيون، **مدني عطيات** (چندو/فنڊ) گڏ ڪرڻ جي لاءِ خوب ڪوشش ڪرڻ وارن ۾ شامل ٿي وڃون.

اَلْحَمْدُلله رجب شريف جي 6 **تاريخ** تي خواجهٔ خاجگان، سلطانُ الهند حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي **ڇٽي شريف** ملهائي ويندي آهي ۽ اَلحَمدُلله! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ سڀجي دنيا ۾ اهتمام سان هن موقعي تي **خواجہ غريب نواز** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي **اِيصالِ ثواب** جي لاءِ **قرآن خواني، مدني قافلن** ۾ سفر ۽ **محفلِ نعت** جو اِنعقاد ڪيو ويندو آهي، جنهن ڪي اسان "**اجتماعِ خواجہ غريب نواز**" بہ چوندا آهن. هن ۾ شرڪت جي نيت ڪريو. **ستاويهين** (27) **رجب** جو بہ دعوتِ اسلامي جي تحت **اجتماعِ معراج** ۾ شرڪت جي بہ نہ صرف پاڻ نيت ڪريو بلڪ ٻين ڪي بہ شرڪت جي دعوت ڏيو ۽ هر گهڙي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو.

## قرآن ٽيچر ايپ جو تعارف

اَلْحَمْدُ لِلّٰه اوهان جي پياري تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ تبليغِ دين جي لاءِ 107 کان وڌيڪ شعبن جي ذريعي ڪوشش ڪري رهي آهي. دعوتِ اسلامي جي مجلسِ آئي ٽي "Quran Teacher" جي نالي سان موبائل ايپلي ڪيشن لاؤنچ ڪئي آهي. جنهن جي ذريعي اوهان 30 کان وڌيڪ ديني ڪورسز ۾ داخلو وٺڻ سان گڏوگڏ پنهنجي داخلي جو اسٽيٽس بہ چيڪ ڪري سگهو ٿا. مزيد اهو تہ ڪورسز جو مختصر تعارف، پنهنجي رجسٽريشن ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ڪلاس جي سرگرمين جي معلومات، ڪورسن بابت تفصيلات ۽ مدرسة المدينہ آن لائن جي اپ ڊيٽس بہ حاصل ڪري سگهو ٿا. تہ اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ اها ايپ انسٽال ڪريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.. (مشكاة المصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

سينہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## حديث پاڪ جي متعلق مفيد نڪتا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! حديثِ پاڪ جي متعلق نڪات ملاحظ فرمايو. پهريان 2 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ ڪيو(1) فرمايائون: جيڪو شخص ديني معاملن جي متعلق چاليهہ(40) حديثون ياد ڪري منهنجي امت تائين پهچائي الله پاڪ (قيامت جي ڏينهن) ان کي اهڙي شان سان اٿاريندو جو اهو

فقيهه هوندو ۽ مان قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت فرمائيندس ۽ ان جي لاءِ گواهي ڏيندس. (مشكاة ،كتاب العلم،۶۸/۱،حديث: ۲۵۸) (2)فرمايائون: الله پاڪ ان کي تروتازه رکي جيڪو منهنجي حديث کي ٻڌي، ياد رکي ۽ ٻين تائين پهچائي. (ترمذی،كتاب العلم، باب ماجاء فى الحث۰۰۰الخ،۲۹۸/۴،حديث:) حديث، حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي قول، فعل، حال ۽ تقرير کي چوندا آهن. ( نزہۃ القاری ، ۸۷/۱) ❖ حديث جي علم کي حاصل ڪرڻ فرض ڪفايہ آهي جيڪڏهن سڄي امت ۾ ان جو عالم نہ ڏٺو ويو تہ سڄي امت گناهگار ٿيندي.( نصاب اصول حديث مع افادة رضويه،۲۸)❖ قرآنِ ڪريم جيان حديثِ رسول بہ احڪامِ شريعت جو بنيادي ماخذ آهي. ❖ حديث جي رهنمائي جي بغير احڪامِ الاهي جي تفصيلات ڄاڻڻ ۽ آياتِ قرآني جي مراد سمجهڻ ممڪن ناهي. ❖ ڪيئي قرآني احڪام اهڙا آهن جو جن جي وضاحت حديث سان ٿيندي آهي.( منتخب حديثيں، ص۱۱) ❖ قرآن ڪريم کان پوءِ احڪامِ شريعت جي دليل ٻڌجڻ ۾ حديث جو ٻئي درجو آهي. ❖ قرآن ڪريم ۽ حديث ٻئي دينِ اسلام جي مرڪزي بنياد ۽ احڪامِ شرع جون مضبوط دليلون آهن. (منتخب حديثيں، ص۳۰) ❖ احاديثِ رسول تي ايمان آڻڻ کان بغير نہ ڪو قرآنِ پاڪ جي معنائن ۽ مطلبن کي چڱي طرح سمجهي سگهي ٿو نہ دينِ اسلام تي عمل ڪري سگهي ٿو.( منتخب حديثيں، ص۳۴) ❖ اسلام ۾ ڪلامُ الله(يعني قرآن) کانپوءِ ڪلامِ رسول(يعني حديث) جو درجو آهي. ( مرآة المناجيح ،۱ /۹) ❖ هر انسان تي حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت فرض آهي ۽ اها اطاعت حديث ۽ سنت جي ڄاڻڻ کان بغير ناممڪن آهي.( نزہۃ القاری ، ۶۳/۱) ❖ احاديث جي انڪار کانپوءِ قرآن تي ايمان جي دعويٰ فقط باطل آهي. ( فيضان فاروق اعظم ، ۴۵۱/۲) ❖ جيسيتائين اهو معلوم نہ هجي تہ واقعي هي حديثِ پاڪ آهي، تيسيتائين بيان نہ ڪريو.( ترمذی، كتاب تفسير القرآن ،باب ماجاء فى الذى يفسر القرآن برايه ، ۴۳۹/۴، حديث:۲۹۶۰) ❖الله پاڪ جي رحمت ٻڌجي تشريف ڪٽي اچڻ واري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: جيسيتائين اوهان کي يقيني علم نہ هجي منهنجي طرف حديث بيان ڪرڻ کان بچو، جنهن ڄاڻي واڻي منهنجي طرف ڪوڙ منسوب ڪيو ان کي گهرجي تہ اهو پنهنجو نڪاڻو جهنم ٻڻائي.❖ ايس ايم ايس(SMS) جي ذريعي بنا حوالي جي ڪابہ حديث اڳتي نہ موڪليو جيسيتائين سُني صحيح العقيده مفتي صاحب يا ڪنهن عالمِ دين سان تصديق نہ ڪرائي ونو. ( فيضان فاروق

اعظم،٢ /٤٤٠ملتقطا)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتيں اور آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَاللّٰه!ايندڙ هفتيوار اِجتماع جو موضوع هوندو” دينِ اسلام جي لاءِ خرچ ڪريو!“ جنهن ۾ اسان بزرگن جا دين سان تعاون جا واقعا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. لهٰذا! آئنده جمعرات بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصاً

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

3...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

4...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

### ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرۡضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

### ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنۡزِلۡهُ الۡمَقۡعَدَ الۡمُقَرَّبَ عِنۡدَکَ یَوۡمَ الۡقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

### ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهۡلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

### ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

---

1...القول البديع، الباب الاول، ص125

2... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

3... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم ڪان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا ڪي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر ڪي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد